رخمان گل پالاري

# ڪوهستاني لهجو


## Abstract

*Every language has various dialects and sub dialects. Sindhi language consists of different kinds of dialects and sub dialects. "Kohistani" dialect is one of them. This research paper explores this dialect in comparison with the standard dialect.*

*We can see phonetic and morphological significance in this dialect. "Kohistani" dialect has its own linguistic, geographical and cultural orientation. Since Kohistan is surrounded by the boundary of Arabian sea, Balochistan, Hyderabad and Thatta. Kohistan dialect is affected by the Balochi language, Larrh dialect, and standard dialect of Sindhi. We can study this dialect in the culture of Kohistan.*

*Shah Latif visited "Kohistan" and his perception of Kohistan is reflected in his poetry. Hence, this dialect is also present in the poetry of Shah.*

*Those who are interested in the Sindhi language and its linguistic survey, can find many facts and figures in this paper.*


”ڇُلي ڇَڏ مَ ڇپرين، ڏُلي ڇَڏِ مَ ڏيهه“

هن جابلو پَٽيءَ جي لهجي تہ لکڻ کان پهرين، هن آڏتراجن آهڙن واري جوءِ، جنهن لاءِ هيءَ مشهور چوڻي آهي تہ ”ڪوهستان وٺو تہ پرستان نہ تہ مڙهن جا مڪان“ معنيٰ جي، منداﺋتن مينهن پلر جي پالوٿ سين پوٺا پٽ ريجايا تہ پهريندو پرين جو سائو ويس، ۽ جي ڏڙهہ ڏينهن ڪانيا ملڪ ڏڪاريو تہ پوءِ ٿيندو لاشن جو ديس. لهجي تي ڳالهائڻ کان پهرين هن جوکائتي جُوءِ جا زميني اهڃاڻ اوهان آڏو آڻي، منجهس ڪيئي تاريخي تاريڪيون اوهان آڏو عيان ڪندس، جن مان ڪي قدرت جي آثارن دز هيٺان دٻجي ويا تہ ڪن کي زوريءَ زمين تان اکوڙيو ويو.

جنهن تر ۾ هي لهجو ڳالهائجي ٿو تنهن ۾ ضلعي دادوءَ جي ٿاڪريل پوچڙ واري سڄي جابلو پچنديل پٽي، جا تازو ضلعي ڄامشورو کي ڏيج ۾ ڏني ويئي آهي، ضلعي ٺٽي جو جنگشاهيءَ وارو سڄو اوريون جابلو پاسو ويندي ”گهگهر“ تائين، تنهن ڪانسواءِ ڪراچيءَ جي ڪوهسارن وارو پاسو جن تي ڪيئي تاريخون اکريل هيون، تن

كي دٻڙ دؤنس ڪري، پاڙان پٽيو ويو. ٽيھارو سال ڦھرين منھنجي اکيين ڏٺل ويھ ميل ڏگھو ۽ اندازاً اڍائي ميل ويڪرو "مولڙي جبل" جنھن ۾ ڪيترائي ظاھر ظھور تاريخي اھڃاڻ ھئا. ان جبل جو باقي ڇاڙڪي جيترو حصو ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سامھون وڃي بچيو آھي، تنھن کي بہ رات ڏينھن ڪري پٽ ڪيو پيو وڃي، ان ئي جبل جي 500 ايڪڙن ڪان بہ مٿي زمين "سفاري پارڪ" کي ڏني ويئي جن ۾ آيل ٻن ٽڪرين "ڪنوارڪي" ۽ "اُرھ واري" تي اڃان بہ ڪي تاريخي اھڃاڻ بچيل آھن، پر انھن جي مٿان ڪراچيءَ جي شھري حڪومت ماڻھن جي وندر ورونھ لاءِ ڪي شغلي شيون "GO AISH" جي نالي سان ٺاھي بچيل ميراث کي بيدرديءَ سان لتاڙائڻ لاءِ وسان ڪين گھٽايو آھي. ٻيو تہ خوشحاليءَ ۽ ترقي جي نالي اسٽيل مل ۽ قاسم بندر کي جيڪا لکين ايڪڙ زمين ھنن نڌڻڪن ديس ڏٽين جي ڏني ويئي، جنھن ۾ مالوند ماڻھن جا سوين ڳوٺ وسيل ھئا تن کي دربدر ڪيو ويو ۽ ان ايراضيءَ اندر ڪيئي تاريخي ماڳ مڪان ۽ قديمي قبرستان ھئا، تن کي ڌرتيءَ تان ئي ميساريو ويو. باقي ڪي جنديءَ جي جڙاءَ واريون ٻہ ٽي قبرون بچيون آھن، جن کي روسي بلڊوزر بہ جھورڻ کان نابري واري وينا ھئا، ان جي قيمتي جنڊيءَ وارن پٿرن کي آھستي آھستي ڪٽي صاحب لوڪن جي گھرن جي باغيچن ۾ سجايو پيو وڃي. ھئڻ تہ ائين کپندو ھو تہ ان مفت ۾ مليل زمين اندر جيڪا اسٽيل مل ۽ قاسم بندر کي مباح ھئي، تنھن ۾ انھن تاريخي شين کي تحفظ ڏنو وڃي ھا، پر اڃا مورڳو ئي ديھ ڪانٽو، ديھ ڪاڪڙ، ديھ ڪوٽيرڙو ۽ ديھ جوريجي، انھن سيني الڳ حيثيت رکندڙ ديھن کي ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجھي بن قاسم ٽائون جي لت ھيٺان ڏنو ويو. جڏھن انھن ديھن سان اھا جُٺ ڪئي ويئي تہ ٿورو ڇنڊو ھڻڻ لاءِ ديبل ٽائون، پپري ٽائون يا ڪٽي سسئي ٽائون جو نالو ڏنو وڃي ھا، پر ٿوري ٿڏاڻ لاءِ ائين بہ نہ ڪيو ويو. انھن ئي ڳالھين سان واڳيل ھڪ ٻئي تاريخي اھڃاڻ جو ذڪر بہ ضروري آھي، "نئين جوريجيءَ" جي ڪنڌيءَ تي جتي اھا نئين سمنڊ ۾ اڇي ڇوڙ ڪندي آھي، اتي ھڪ خوبصورت نظاري وارو "سسئيءَ جو باغ" ھو جنھن ۾ پپر، ٻڙ، آمريءَ، گدامريءَ ۽ ٻہ ٽي مليري انبن جا وڻ مون پاڻ ڏٺا ھئا، ھن باغ جي سار سنڀال نسل درنسل ھلندي آئي، جنھن جو آخري سنڀاليندڙ مستري گنگارام ھو، جو موريو مل پٽ پرسو مل جي خاندان مان ھو، مورئي مل مائي سسئي جا سلسليوار 126 بيت ڪڙو ڪڙي ۾ ڇپيا ھئا. پاڪستان ٺھڻ ڪانپوءِ سيٺ گنگارام ھندستان لڏي ويو ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ويندي ويندي ڀنڀور ڀرسان ويٺل حاجي ڪرمي ٻَوَي بلوچ ڪي هن باغ جي سار سنڀال جي پارت ڪري ويو، حاجي ڪرميءَ پنهنجي حياتيءَ تائين باغ سنڀاليندو آيو. هي باغ هڪ خوبصورت تفريح گاهه سان گڏ گهاري ڪان ڪراچي واري پراڻي رستي ويندڙ مسافرن لاءِ هڪ آرامگاهه پڻ هو، اها سامونڊي پٽيءَ واري قيمتي زمين پاڪستان نيويءَ ڪي ملڪي مفاد ۽ دفاع ۾ مباح ڪئي ويئي، تن سڄو باغ ڀيلي اتي چيڪ پوسٽ قائم ڪري ڇڏي، جتي سسئيءَ ۽ سندس سهيلين جا پوپٽ جي پرن جهڙن نازڪ پيرن جا نشان لانگ بوٽ پيا لتاڙين. اِن پشم ڪان وڌ ڪونئرن پيرن لاءِ ڀٽائي گهوٽ هيءَ شاهدي ٿو ڏي ته:

”پـيـر پَـٽـائـيـن ڪـوُنـئَـرا، ڏونـگـر مـٿـي ڏي،
ڦـٽـيـا ڦَـڙَ فـقـيـر جـا، سِـيـرون ٽـيـڙا سـي،
جـهـڙي تـهـڙِ حـال سـيـن، پُـري پـنـهـونءَ ڏي،
وجـي مَـانَ وري، ٻـانـهـيءَ ٻَـنـڌَنُ جـن سـيـن.“(1)

تنهن ڪانسواءِ ديهه گونڊپاس جي سنون پٽن تان سسئي اٹن جا پير ڪَڙيندي ڪڙهندي پي ويئي بقول ڀٽائي گهوٽ جي:

”ڪَڙي ۽ ڪَڙهي، بر ۾ پير پنهونءَ جو“(2)

ڀٽائي گهوٽ ٻه هنن سنواٽن پٽن تان سسئي جي پيرن جا نشان ليڪيندو ويو هو، اڄ انهن پٽن تي ڪراچي شهر جو هزارين ٽن ڪچرو روزانو جي حساب سان پنجن سالن ڪان وٺي هتي ڦٽو ڪري ساڙيو ٿو وڃي، جنهنڪري سڄو علائقو دونهين جي ڪڪرن ۾ ويڙهيل آهي، آس پاس جا ڪيترائي قديم ڳوٺ ان ڦهر جهڙي بدبوءِ ۽ دونهن ڪان بيزار ٿي لڏڻ تي مجبور آهن ۽ ڪراچي شهري حڪومت چاهي ٿه ايئن ٿي ته ههڙن سنواٽن پٽن تي ڪو نئون شهر اڏي، ايئن وري ديهه مواچ، ديهه لال بکر، ديهه چتارا، ديهه الله ٻنو، ديهه منڌياري، ديهه گابو پٽ جي هزارين ايڪڙ زمين پاڪستان آرميءَ وارن والاري آهي. ان ڪان ٿورو اڳتي ديهه من جتي ”حب نئين“ 240 ميلن جي اٽانگو سفر طي ڪري اچي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندي آي، هتي ويجهُ ئي ڪڙڪ/ڪارڪ بندر جا آثا اڄ ٻه موجود آهن.“(3) ديهه من وارو هي علائقو تمام خوبصورت آهي، سامهون ئي سمنڊ جي صاف نيري پاڻيءَ جي وچ ۾ هڪ ويڪرو ٻيٽ آهي، جتي هڪ اوچي ٽڪري پڻ آهي، جنهن تي چار قبرون ٻه آهن، هتي جي مقامي ماڻهن جو اهو چوڻ آهي ته شهيد

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سورهيه بادشاهه پير پاڳارو به هتي دفن ٿيل آهي، هاٺي هتي به لانگ بوٽن وارا خوني بجلوٽن سميت زنجيرون لڳايو ويٺا آهن. ته جيئن اسان جهڙو ڪو رولاڪ بنا جهل پل جي هتي اچي نه سگهي، هنن مٿين سيني دادلين ديهن کي ڪنڌ ۾ ڪاهار جو رسو وجهي، ڪياماڙي ٽائون جي ڪِلي ۾ ٻڌو ويو آهي، جتي شاهه صاحب جي سُر گهاتوءَ جي اڏول ڪردار مورڙي جي قبر واري ٽڪريءَ کي به ڪڙو چڙهيل آهي، وري ديهه ”هيڪَ واڙي“ هاڻي ديهه ايڪواڙي جنهن جي ٽڪريءَ تي ”چاڪر خان ڪلمتيءَ کي 1839ع ۾ انگريزن سندس آخري خواهش موجب هتي ڦاهي ڏني هئي.“(9) ان ٽڪريءَ جو اهو حصو اڃان بچيل آهي جنهن کي هاڻي ”ڏالميان“ جي نالي سڃاتو ٿو وڃي، پر ڏرتيءَ ڌڪاڻا مارو لوڪ اڄ به ان جاءِ کي ”چاڪر ڦاهيءَ“ جي نالي سان سڃاڻن ٿا. اها ٽڪري هن وقت واڳ ڏڏين وٽ آهي، جنهن تي اسان جهڙي اڇوت جو اچڻ ممنوع آهي. ڪراچيءَ جا اهي ڪوهسار جتي ڪيترن ئي قديم آثارن جا اهڃاڻ اپريل هئا. سي پاڙان پٽجي ويا. هتي ڊاڪٽر مبارڪ عليءَ جون هي سٽون انهن ڳالهين جي وڌيڪ تصديق ڪن ٿيون. ”تاريخي ماڳ مڪان ۾ جايون اسانجا تاريخي ورثا آهن. هڪ ته لڪيل تاريخ آهي ۽ ٻي آهي عمارتن ۾ جاين جي تاريخ. جايون جيڪي تاريخ بيان ڪنديون آهن. اهي وڌيڪ سچيون ۽ موثر هونديون آهن. ان لاءِ جو جايون ڪوڙ نه ڳالهائينديون آهن.“(5) انهن هنڌن تان ڌرتيءَ ڌڪاڻيل جيڪي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾جنهن به حالت ۾ هن وقت رهن ٿا. سا پٽائي گهوٽ جي هن بيت جي عڪاسيءَ مان پسي سگهجي ٿي.

”جا عمر تو مل! عيد. سا اسان سُوءَ ورتي سومرا.
ويئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريد،
سڪڻ ڪِئا شهيد، مارو ملڪ ملير جا.“(6)

اهي مارو لوڪ اڄ هن اڄگر جي وات ۾ هوندي به پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جو ٻاٻيس پريو ڪوهستاني لهجو ڳالهائين ٿا. هي لهجو سڄي گڏاپ ٽائون جي اوڀر اتر ۽ اولهائين پاسي ٿائين، وري دريجي، لوئي خضدار جو اوريون پاسو، جنهن لاءِ سير ڪوهستان ڪتاب جو ليکڪ هينئن ٿو چوي ”ڪوهستاني محاورو اسان کي ضلعي دادو ۽ ڪراچي ڊويزن جي اولهائين حصي ۽ بلوچستان جي ضلعي خضدار جي ڪوهستاني علائقن ۾ ملي ٿو.“(7) هي لهجو هيٺ ويندي حب نئين جي اوڙار ۽ پراڙ ٻنهي پاسن ڳالهايو وڃي ٿو. ٻنهي پارين ماڻهن جون مِٽيون مائٽيون ۽ زمينون آهن. باقي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

حد بنديون تہ فقط حڪومتن جي ڪاڳرن ۾ آڏيون ابتيون ليڪون ڏنل آهن، هي ماڻهو انهن ڳالهين کان بي نياز، انهن لاءِ کيرٿر، لاکاڻ، لُسر، اُٺ پلاڻ، پاچراڻ“ مُگ ٽر، مَري، مَيهي اَرڏي، اَيري، سُنبڪ، سُورجاڻو، پَبُ، هَاڙو، هِنگول، هَوتياڻو، ڪانيو، ڪارو، نَاراٿر، لَلَو ۽ ٿَانيڪو، ٽَڏو جبل ۽ ملير، مول، ٻاڪراڻ، ٻولهاڙي، لنگهيجي، لَنڊاٽي، بارڻ، سَري، سُڪڻ ۽ وِيرابُ اهي نيون ۽ ڊورا سڀ گڏيل ورثو آهن، اهي سڀ پَٽَ پڌر ۽ ڇپر سندن ساهہ ۾ سانديل آهن جيڪي اَمُلهيا ۽ مذهب وانگر مقدس آهن. ”موهن جي دڙي جي دريافت کانپوءِ اها ڳالهہ نروار ٿي تہ ايران جي ساحل کان ويندي گنگا جمنا، ڪڇ ۽ راجستان کان اسڪردو ۽ ڪراچيءَ کان مهر ڳڙهہ تائين وارو سڄو علائقو ”سنڌو ماٿر“ جي تهذيب وارو علائقو آهي. ان پوري علائقي ۾ 1500 سون کان بہ مٿي وسنديون ظاهر ٿيون آهن جيڪي 2500 ق م کان 1900 ق م تائين جون آهن.“(8) هن پوري ڳولا ۾ ڪوهستان جيڪو سنڌ ۽ بلوچستان تائين ڦهليل آهي، جتي سوين اهڙن ماڳن مڪانن جا اثار موجود آهن، جيڪي اڃا تائين ظاهر نہ ٿي سگهيا آهن، هتي فقط ٽن عجوبن جو ذڪر ڪندس، جن تان اسانجا ڪاهوڙي پير گهمائي آيا. بدر ابڙو الله حياتي ڏيس ۽ انور پيرزادو جيڪو اسان کان هميشہ لاءِ ڏور هليو ويو، پر سندس پيرن جا نشان انهن گسن، پيچرن ۽ چُنجين چوٽين سدائين لاءِ پاڻ ۾ جُٽي سمائي ڇڏيا آهن. ”ڪار لوئيءَ“ وارو ميهوڳي آبشار جيڪو دنيا جي ستن ميهوڳي آبشارن ۾ ٻي نمبر تي آهي، وري ”ڪنڊ نئين“ جا سنڌ تہ ٺهيو پر پوري ايشيا جي نرالي نئين آهي جا پورا 20 ڪلوميٽر اولهہ کان اوڀر ۽ اوپر کان اُتر وَهي ڪَنڊ بازار مٿي پوءِ مُنو ميل اولهہ پاسي وَهي اچي ”حب نئين“ ۾ چوڙ ڪندي آهي، تنهن کانسواءِ ”مهر جبل“ جو 1500 فوٽ اوچو، 32 ڪلوميٽر ڊگهو ۽ 24 ڪلوميٽر ويڪرو، جتي هڪ جڻ تہ الڳ دنيا آباد آهي، جبل جي مٿاڇري تي ميلن تائين پکڙيل ميدان، اُپيون جابلو چوٽيون، پوک لائق سٺي زمين، گهاٽا وڻ، ماڻهن توڙي مال لاءِ موڪ پاڻي، ٻن ٽن ميلن جي پنڌ تي هڪ ٻئي کان پري سَتَ ڳوٺ بہ آباد آهن، هن جبل جي اولهائين ڪنڊ تي ”ٻاٻرين“ نالي عجيب ۽ پراسرار آثار،جتي پاڻيءَ جي اتڙي، جنهن ۾ واڳو، غار نما کُن، پپر، ٿاليءَ ۽ ڪجيءَ جا وڻ، مٿئين پاسي پٿرن جو ڊگهو ڪوٽ، تنهن کان ٿورو پرڀرو وڏو گبربند، هيٺ مهر ڊوري جي پٿر واري پوٺي ۾ ست اونها کوهہ، جيڪي مٿي پاڻيءَ سان ٽمٽار جن ۾ هڪٻئي جي ڳانڍاپي لاءِ وچان وچان چاڙڪي نيسر، هي واهي چاهيءَ جو انوکو نمونو آهي، اڃا ٿورو هيٺ ڪَنڊ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

واري رستي تي ڪافرن جون قبرون بہ آهن. هندو عقيدي موجب، پاٽي، واڳو، پپر جو وڻ ۽ غار مقدس سمجهيا وڃن ٿا. هن سڄي وايومنڊل کي جڏهن غور سان ڏسجي ٿو تہ ڄڻ هڪ عجيب جادوئي ٽڪساٽ ٿيل آهي.

”هن ڪوهستان واري ديس جي ٿلهي ليکي ايراضي 50000 پنجاهہ هزار چورس ميلن کان بہ وڌيڪ آهي ۽ اندازاً 2000000 ويهہ لک کن ڪوهستاني لوڪ رهن ٿا.“(9) جيڪي مختلف قبيلن ۽ راڄن ۾ ورهايل آهن، تن ۾ برفت بنديچا، بروهي، باريجا، ٻهليم، پاٽٽي، پنهور، پالاري، جوکيا، جاکرا، خاصخيلي، گدا، گبول، واهرا، واڍيلا، لُنڊ، لوٿاري،رند، ڪلمتي، هوت ۽ هندو بہ جهجهي تعداد ۾ رهن ٿا، جن لاءِ سير ڪوهستان جو ليکڪ هينئن ٿو لکي: ” هن محاوري تي ڪوهستاني نالو بہ پهاڙي علائقي جي نسبت سان پيل آهي، هن علائقي ۾ بلوچ، بروهي ۽ سماٽ قومن کان علاوه هندو ڪافي تعداد ۾ موجود آهن، جيڪي اڪثر سنڌي ڳالهائيندا آهن.“(10)

ڪوهستان جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن، کاڌ خوراڪ، ايمانداري، انصاف، فيصلن ڦڙن، جهيڙن جهٽن، پيري مريديءَ، صحت بيماريءَ، علاج اڪسير، ڪچهري مارڪي ۽ مهمانوازيءَ تي 1942ع ۾ ”سير ڪوهستان“ ڪتاب ڇپيو، ان ئي سال ليکڪ کي حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ ڪراچيءَ واري شفاخاني تان هڪ خط لکيو، جنهن ۾ هينئن بہ لکيائين تہ ”جنهن قلم سان توهان هي ڪتاب لکيو آهي، مهرباني ڪري اهو قلم مونکي موڪليو تہ چمان.“(11) هن محنتي ۽ سچيت ليکڪ کي هن وقت تائين اسين ”الله بچايو سمون“ جي نالي سان پڙهندا اچون ۽ سندس پيدائش جو هنڌ ضلعو ملير ٻڌايو ٿو وڃي، پر اصل حقيقت انهن ڳالهين جي بلڪل ابتڙ آهي. جيئن تہ ”ماستر الله بچايو چٽو“ چٽا قبيلي جي ”بهلول“ پاڙي مان آهي، ”دريجيءَ“ کان مٿي سنڌس ابن ڏاڏن جي جُوءِ جو نالو ”بهلور“ آهي، پاڻ ”حاجي مريد بڪڪ“ (بڪڪ چٽا قبيلي جو هڪ بهادر پاڙو) ڳوٺ ۾ 1912ع ۾ پيدا ٿيو، اهو ڳوٺ هن وقت پراڻي لالوڪيٽ ۾ ڄڻ تہ هاٿيءَ جي لت هيٺان آهي، سائين الله بچايو هن ئي ڳوٺ ۾ 1916ع ۾ قائم ٿيل ”ابراهام روبن سنڌي پرائمري اسڪول“ ۾ تعليم حاصل ڪئي، ۽ پوءِ هن ئي اسڪول ۾ پرائمري استاد پڻ رهيو، هي اسڪول اڄ بہ ان ئي نالي سان هلندڙ آهي، هن ٻولين تي ٻاڙا ڏوڙ يلغار واري دؤر ۾ هي هيسل لوڪ اڄ بہ نج ڪوهستاني لهجو ڳالهائين ٿا، جنهن جو ثبوت پيڻ ج ع منگهاڻيءَ جا شاهہ صاحب جي رسالي ۾ آيل ڪوهستاني

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لهجي جي لفظن ۽ معنيٰ جي حوالي سان ٻه ڪتاب آهن.

جي ڪو ڏيهه ڏڪاريل ڪوهستاني پنهنجو ڪوڏين جو ولرڪو ڪاهي اتر واري جُوءِ ۾ اچي، هن تر جي ڪنهن همراهه سان حال اوري ته ”ادا ڪبرون ڪير ٻچا ڪَٻرڪِ ٻه ڪڙا ڪِينَ اَن يَو ٻيو ٻارَؤ گُڏَرِي ويو، ڪَٽي ٻه ڪانه پيئي اَ، سو وَاندو ڇِي اَيون اَوتاڪ گُڏَ تان اَجهاٽِي، آئو اَهين تو ڳِرِ، ڏَجَها ڏينهن تو واري جُوئَمِ جَاليندَوسين، جيسين آن ڪا پُونگتڪي اَڏين تيسين مَانڪِ چَاندو پاٽي پيو موڪليج، پاڙا نٻين ڪي پرتا اَن ٻيو ميڙيئي ڪيرُ.“ هيءُ خبرن وارو بيان اتر اوري همراهه جي ڄڻ ته مٿان گذري ويندو، پر اجان ٻه لاڙ جو ماڻهو اهو بيان سربستو نه ته ٻه اڌوگابرو سمجهندو، جنهن جي تصديق لاءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب جي هي راءِ وزندار آهي ”ڪوهستاني محاوري جو اثر خاص طور لاڙ جي ٺٽي ضلعي واري پاڳي تي ٿيو آهي، چند لفظ اهڙا مليا آهن، جن جو لاڳاپو ڪوهستان ۽ لسٻيلي سان آهي.“(12)

لهجن جي اندر وري ٻيا لهجا ٻه هوندا آهن، جيئن لاڙي لهجي ۾ ”ماجر“ وارو لهجو ۽ ”جتڪو“ لهجو، تيئن ڪوهستاي لهجي ۾ وري ٽاڻو بولا خان، ٽاڻو احمد خان، سري ۽ مول اهي هنڌ ڪوهستان جي وڏن شهرن ۾ ليکجن ٿا، جن ۾ اڪثريت پائيبندن (هندن) جي آهي، هندن توڙي مسلمانن جو پڙهيل ڳڙهيل طبقو هنن شهرن سان تعلق رکي ٿو، هڪٻئي سان پائيچاري جو ههڙو انوکو مثال شايد پوري پاڪستان ۾ نه ملي. مرڻي توڙِ پرڻي هڪٻئي جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ، مذهبي ڪٽرپڻِ ڪان سندن مٿيري سوچ،پر هن وقت ملڪي سطح تي جا مذهبي ڪٽرپڻي جي لهر هلي آهي، تنهن هن تر ۾ ٻه نفرت جو ٻج ڇتڻ لاءِ زمين ڪيڙِ ڇڏي آهي. الله رحم ڪندو، ته ڪوهستان جي انهن وڏن شهرن ڪانسواءِ جنگشاهيءَ وارو هيٺيون پاسو ويندي گهگهر تائين ۽ وري ڪوهستان واري پاسي جيڪا جوکيا برادريءَ گڏاپ شهر ۾ جيڪي پائيبند آباد آهن، ته انهن جي لهجي ۾ ڪافي فرق آهي، جهن ڪي سڌريل ڪوهستاني لهجو چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو، هي لهجو وري سنڌيءَ جي وچولي واري لهجي سان مشابهه آهي، پر سڌريل مان هرگز اها مراد نه ورتي وڃي ته اهي ڪوهستاني تعليم يافته آهن. ان ڪري سندن لهجي ۾ فرق آهي. ايئن ته ڪراچي شهر ۾ جيڪي ٻڪڪ، برفت، خاصخيلي، پالاري، ڇُٽا، جاڪرا وغيره رهن ٿا، سي نج ڪوهستاني لهجو ڳالهائين ٿا، جن مان ڪي ته وڏن عهدن تي پڻ آهن، جيئن هڪ دفعو آئون پنهنجي مائٽ سليم پالاريءَ سان گڏ بندوق جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

لائسنس لاءِ هوم ڊپارٽمينٽ جي آفيس ويس، جتي وڏو آفيسر مولابخش ٻکڪ هو، منهنجي مائٽ پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو ”مان سليم پالاري هي منهنجو ڪزن گل پالاري اڃان هي ڪجھ اڳتي ڳالهائي تہ ڳالھ وچ ۾ ڪٽيندي ڪيس چيائين: ”آن پڙا ڪِ ٻہ سڃاڻين مانسين پانجي ٻوليئم ڳالا“.

تہ انهن مٿي ڄاڻايل ترن ۾ آن جي بدران آئون، مانک جي بدران مونکِ، اَهي جي بدران آهي، يو جي بدران ايهو اَنِ جي بدران آهين وغيره لفظ ڳالهائجن ٿا. انهن ضميرن ۾ فعلن ڪانسواءِ ڏوڪٽن وسرڳن ڪي اَوسرڳ ڪري نٿو اچارجي جيئن ڪهڙو، جهڙو، اهڙو وغيره باقي لهجي جو ٻيو اندريون ڍانچو يا لفظي ادائگي ساڳي آهي.

ڪوهستاني لهجي جو جي صوتيات جي روشني ۾ جو جائزو وٺندا، سين تہ هن لهجي ۾ چپوان، نڪوان، ڏندوان، مهاروان، مورڏني توڙي سخت ۽ نرم تارونءَ وارا آواز سنڌي ٻوليءَ جي عام صوتياتي نظام جهڙا آهن، پر تنهن هوندي بہ ڪوهستاني لهجو، معياري لهجي کان نيارو ضرور آهي، جيئن معياري لهجي جا ڏوڪٽا وسرڳ، ڪوهستاني لهجي ۾ سڀ جا سڀ اَوِسرڳ طور اچارجن ٿا، جيئن گھ جي بدران گ ۽ جھ جي بدران ج، اها ”ھ“ ”ي“ ۾ بدلڻ واري عادت ٻين بہ ڪيترن لفظن ۾ روا آهي جيئن:

| معياري لهجو | ڪوهستاني لهجو |
|---|---|
| ڪَهڙو | ڪَيڙو |
| تهڙو | تَيڙو |
| جَهڙو | جَيڙو |
| اَهڙو | اَيڙو |

ڪوهستاني لهجي ۾ معياري لهجي جي ڪيترن ئي لفظن جي آخر ۾ (ءَ) بلڪل حذف ٿيو وڃي.

| معاري لهجو | ڪوهستاني لهجو |
|---|---|
| مَاءُ | مَا |
| پيءُ | پَي |
| ياءُ | يَا |
| ڏيءُ | ڏِي |

معياري لهجي جي فعلن سان بہ ڪوهستاني لهجي ۾ اها ساڳي حالت روا آهي جيئن:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

| معياري لهجو | ڪوهستاني لهجو |
|---|---|
| ڪاءُ | ڪِا |
| ڳاءِ | ڳا |
| آءُ | آ |

معياري لهجي جا گسڪيدار آواز غ، ۽ خ ڪوهستاني لهجي ۾ غ، گ ۾ ۽ خ، ڪ ۾ بدلجي هلڪا گسڪيدار ٿي پون ٿا.

| معياري لهجو | ڪوهستاني لهجو |
|---|---|
| غ (غلام) | گ (گلام) |
| خ (خير) | ڪ (ڪَيرُ) |

جي معياري لهجي جي ڪنهن لفظ ۾ ڪو گسڪيدار اوسرڳ آيل آهي ته اهو به بدلجيو وڃي ۽ ڪن لفظن ۾ ته آيل "ي" به حذف ٿيو وڃي جيئن بغير بدلجي بگر ٿيو وڃي.

| معياري لهجو | ڪوهستاني لهجو |
|---|---|
| ضايع | ضاع/زاءِ |
| ولايت | ولات |

اهي ٻئي مٿيون صورتون شاهه صاحب وٽ به ملن ٿيون:

ڪونهي ڪميٽيءَ جو، بگر تو بلو.
(سُر ڏهر)

ويچيندي ولات ۾، ذرو ٿي نه ضاع.
(سُر سريراڳ)

ڪوهستاني لهجي ۾ صوتياتي مٽ سٽ به معاري لهجي جي ڀيٽ ۾ عام آهي، جيئن "ي" "ج" ۾ ۽ "د" "ت" ۾ "ز" "ج" ۾ وغيره بدلجن ٿا.

| معياري لهجو | ڪوهستاني لهجو |
|---|---|
| يتيم | جتيم |
| ياد | جاد |
| مدد | مدت |
| مسجد | مسيت |

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اها صوتياتي مٽ سٽ شاهه صاحب وٽ بہ ايئن ئي ملي ٿي.

جيڪس جاد ڪياس، ور وجي وٽڪار ۾.
(آبري)

ڏيها ڪِجان ڏيٿ، ڪا مَدَتَ مون سين ماڙيين.
(مارئي)

ساٿي سفر هليا، پري جُنگ جهاج.
(سريراڳ)

گهٽا گهوڙي چاڙهيا، تومسافر مسيت.
(بلاول)

ڪوهستاني لهجي ڪي جي صرفي جي روشنيءَ ۾ پرکينداسين تہ لفظن توڙي جملن ۾ معياري لهجي ڪان ڪافي فرق محسوس ٿيندو جيئن:

| معياري لهجو | ڪوهستاني لهجو |
|---|---|
| تُنهِنجو | توجو |
| مُنهنجو | مُونجو |
| ڪنهنجو | ڪَينجو |

مٿين لفظن "تنهنجو" ۽ "منهنجو" ۾ "ن" ۽ هه بدران ڪوهستاني لهجي ۾ "و" اچي ٿو ۽ ڪنهنجو ۾ "ن" ۽ "هه" جي لاءِ هن لهجي ۾ "ي" شامل ٿئي ٿو. وري جي هيٺين فعلن ۾ حرف جر ڪي جاچينداسين تہ "ي" ۽ "آ" جو آواز زبر ۽ زير ۾ بدلجي ويندو.

| معياري لهجو | ڪوهستاني |
|---|---|
| جِتي | جِتِ |
| ڪِٿي | ڪِتِ |
| هُتي | هُتِ |
| آهي | اَهَي |
| آهين | اَهين |
| ڪٿي وينو آهين | ڪِٿ ٻينو اَهين |



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هِتي ڇا آهي؟        هِتِ ڇو اَهي

اهي مٿيون صورتون شاهه صاحب وٽ به ملن ٿيون.

نظر نيٽين نِينهُن، جَڙون جِتِ جُوڙِجن.
(آسا)

هتان ڪٽي هُتِ، جن رکيو سين رَسيون.
(آبري)

جي ڪوهستاني لهجي جي ظرفن جو جائزو وٺنداسين ته معياري لهجي جي پيٽ ۾ اُهي لُنبا ڏسڻ ۾ ايندا.

| معياري لهجو | ڪوهستاني لهجو |
|---|---|
| جيڏانهن | جيڏي |
| تيڏانهن | تيڏي |
| ڪيڏانهن | ڪيڏي |

جي ضميرن ۽ ضميري پڇاڙين جو ان ڏس ۾ جائزو وٺنداسين ته انهن ۾ واضح فرق نظر ايندو.

| معياري لهجو | ڪوهستاني لهجو |
|---|---|
| آئون | آن |
| اوهين | اَئين |
| اسِين | اَسون |
| اُنهن | اِن/اُنين |

شاهه صاحب وٽ به ضمير جي استعمال جا اهڙا نمونا ملن ٿا.

عدلين ڇٽان آن نه، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.
(سريراڳ)

اَئين وريتيون ورو، آئون نه ورندي ور ري.
(اَبري)

اسين سِڪون جن ڪي، سي تان اَسون پاڻ.
(اَبري)

ڪريان ٻي نه ڪن، آهر اُنين آهيان.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

(مارئي)

| **معياري لهجو** | **ڪوهستاني لهجو** |
|---|---|
| پٺهين | پِڙا |
| ماٺهين | مَاڙا |
| پيٺهين | پيٽاءِ |
| پاٺهين | پاٽاءِ |

فعلي گردان ۾:

| **معياري لهجو** | **ڪوهستاني لهجو** |
|---|---|
| اچج | اَچيج |
| وڃج | وَڃيج |
| مڃج | مڃيج |

شاهه صاحب وٽ به اهڙو فعلي ڦيرو ملي ٿو:

دوست نه دل مڃيج، ملڪ مڃيو تان گهوريو.

(بروو)

| **معياري لهجو** | **ڪوهستاني لهجو** |
|---|---|
| اچجان | اچيجا |
| وهجان | ويهجا |
| وڃجان | وڃيجا |

سور مَر وڃيجا، سڄڻ جيئن سنگِ ويا.

(حسيني)

هن لهجي جا ڪيترائي نج لفظ شاهه صاحب جي رسالي ۾ آيل آهن، نموني طور به ٽي لفظ ڳڻائيندس.

**ڪُڇُ = اڻنگي روش**

هاريا! توهِري، ڪُڇ ڪاياسين ڪِئو،

(يمن ڪلياڻ)

**چِپَاتَا = نِڪٽ**

چِپاتا چڙهي ويا، وڃي پهتا توڙ،

(ڪوهياري)

**گَبَرو = جهَپ**

سَبُر سِيءُ پيو، نہ مون سوڙ نہ گبرو.

(رِپ)

انهن ڪانسواءِ ٻيا نج ڪوهستاي لفظ جيڪي معياري لهجي ۾ سپجن بہ ڪونہ جيئن ننڍي ٻار لاءِ چون ڇُوڇڪو/ڇُوڇڪي، ڪنهن ٿوري شيءِ جي مقدار لاءِ چون ڀِڇڪي/ڀِڇڪو، ٻڪرين جي ڌڻ کي ڪيراڳ، رڍڻ جي ڌڻ کي ريداڳ، ٻاڪري ڦر يا گوشت کي چون آڪورو، ريڍي ڦر يا گوشت کي چون پاهو. ڪا ڪوڍي مال مان وڃائجي وڃي تہ چون نسي ويئي، ننڍي ڇاول ڦر کي ماءُ جو کير پهريون دفعو ڏارائين تہ ان کي چون پِڙَو ڪرڻ، هڪ سن يا هم عُمر وارن لاءِ چون تُور، ڪپڙن کي چون پُڇَ، ٿانون کي چون رَڇَ. وغيره.

منهنجو تُور تلن ۾، ڇيها ٿو چاري،

(مارئي)

ڪوهستاني تر ۾ ڳٽپ توڙي ماپ تور لاءِ گهڻو ڪري هي لفظ ڪتب آٽين جيئن هڪ لاءِ "برڪ" يارهن لاءِ "ڪارهن" وغيره

ڪارنهن، تيرنهن، پندرهن، سترهن سينگاريج،

(سريراڳ)

تَورَ لاءِ ٿَويو، پَاتي، ڪَاسو، ڪَراڙ،سون ۽ چانديءَ لاءِ رَتِي، مَاسو، تولو.

رَتي رت نہ نڪري، سڪ تنهنجي ساءِ،

(شاهہ)

ماپ لاءِ، وَرثَ، وِڪَ، ٻانهہ، وَانهَ، پُرهہ، ڪُرندَ، ڇاڙِڪِي.

ڇپر تن کي ڇاڙڪي.

(ڪوهياري)

جيئن هن لهجي جا لفظ هتي جي ٻِر وارين ٻولين بلوچي، براهوي توڙي جدگالي لهجي ۾ رلمل ٿيل آهن، تيئن انهن ٻولين جا لفظ بہ هن لهجي ۾ عام آهن جيئن دَيَتِ، ٻَاؤث، بَيلاڙو، رَوتِ، وَرَودَ، ٻُونڙ، ڙَندُوغيره. ڪو ماڻهو بيماريءَ جي حالت ۾ مرڻ ڪنڌي تي هجي تہ چون "ڦڙن سين ٿو پاڻي پيئي" (ڪپهہ جي ٻُوڙن کي پاڻي سان پُسائي

تنهن سان پاٽي ٿو پيارجي).

اجان ساهيني، پاٽي پيئي پڙن سين.
(آبري)
ڪير ڪريندي ريس آيل! سنگهارن سين.

## حوالا

1. شيخ، ہانهون خان، ”شاهہ جو رسالو“ جلد ٻئو، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو پهريون، 1 اپريل 2001ع، ص: 32.
2. ساڳيو، ص: 55.
3. ڪلمتي، گل حسن، ”ڪراچي سنڌ جي مارئي“ ، ذڪي سنز پرنٽرز ڪراچي، ڇاپو پهريون، جولاءِ 2007ع، ص: 525.
4. ساڳيو، ص: 334.
5. مبارڪ علي ڊاڪٽر، ”تاريخ ۽ روشني“، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 2003ع، ص: 15.
6. گربخشاڻي هوتچند مولچند، شاهہ جو رسالو (ٽن جلدن ۾)، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهہ، حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1985ع، ص: 555.
7. سمون الهہ بچايو، ”سير ڪوهستان“، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو پنجون، 1977ع، ص: 63.
8. ڪلمتي، گل حسن، ”ڪراچي سنڌ جي مارئي“ ، ذڪي سنز پرنٽرز ڪراچي، ڇاپو پهريون، جولاءِ 2007ع، ص: 468.
9. ڪلمتي، گل حسن، ”ڪراچي سنڌ جي مارئي“ ، ذڪي سنز پرنٽرز ڪراچي، ڇاپو پهريون، جولاءِ 2007ع، ص: 466.
10. سمون الهہ بچايو، ”سير ڪوهستان“، سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو پنجون، 1977ع، ص: 84.
11. ساڳيو، ص: 5.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair